لطف الله سيال

# ساحر راهوءَ جي شاعريءَ ۾ رومانوي عڪسيت


***Abstract:***

***A View of Romantic Imagery in the Poetry of Sahir Rahoo***

*In Sindhi literature there are so many names, which have made changes and created different ways. Sahir Rahoo is one of them, who have served Sindhi literature by creating modern ways in their poetry. His six books have been published which have been highly appreciated by the readers. In modern Sindhi literature Sahir Rahoo has established/created his own diction and identification.*

*In modern imagery poetry he has established different level. During study of his imagery poetry level of his Romantic Imagery Poetry found much more powerful. Romantic Imagery denote feeling of Images of Natural Scenery, Beauty, Meeting, Separation, Wait, Hope and Incident which after collecting in Imagination would be reproduced in the shape of pictures of words.*

*Sahir Rahoo is also one of Modern Romantic Imagery Poets. Excellent Romantic Imagery is available at high level in his poetry. Sahir Rahoo is one who is leading poet of Romantic Imagery in Poetry.*


## تعارف:

سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ ڪوڙ سارا نالا سامهون اچن ٿا، جن ڪافي نوان تجربا ڪيا آهن ۽ نوان لاڙا آندا آهن. نئين ٿهيءَ جي اهڙن شاعرن ۾ ساحر راهو به هڪ آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ جديد لاڙن ذريعي سنڌي شاعريءَ جي آبياري ڪئي آهي. ساحر راهوءَ جا هن وقت تائين ڇهه ڪتاب: خواب ڪٽوري چنڊ (١٩٩٦ع)، سانوري شام (٢٠٠٠ع)، نيڻ سجدي ۾ (٢٠٠۴ع)، خوابن جي خودڪشين ڪان پوءِ (٢٠٠٧ع)، وہی پت جھڑ ہے آنکھوں میں 'اردو ۾ ٽيل شاعري' (٢٠١١ع)، دل جي ڳلي (٢٠١۴ع)، ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن، جن گهڻي پذيرائي حاصل ڪئي آهي. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ساحر





پنهنجو الڳ اسلوب ۽ سڃاڻپ رکندڙ شاعر آهي. جديد عڪسي شاعريءَ ۾ هن جو هڪ نرالو مقام آهي. جڏهن هن جي عڪسي شاعريءَ جو مطالعو ڪجي ٿو ته هن جي شاعريءَ ۾ مختلف عڪسن سان گڏوگڏ رومانوي عڪسيت جو عنصر وڌيڪ سگهارو نظر اچي ٿو. رومانوي عڪسيت مان مراد فطرت جا حسين نظارا، جماليات، وصل، وڇوڙو، انتظار، اميدن ۽ المين جا اهڙا احساساتي عڪس آهي. جيڪي تصوراتي دنيا ۾ يڪجا ڪري لفظي تصويرن جي صورت ۾ پيش ڪجن.

## مسئلي جا سوال:

هن اڀياس جو دائرو هيٺين سوالن تي مبني رکجي ٿو:

- عڪس ڇا کي ٿو چئجي؟
- رومانويت مان ڇا مراد آهي؟
- جديد شاعري ءَ ۾ رومانوي عڪسيت جي ڪيتري اهميت آهي؟

## رومانوي عڪسيت جو اڀياس:

شاعر عام ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ حواسن جو استعمال وڌيڪ سهڻائي سان ڪرڻ جي فن ۾ مهارت رکندا آهن. حواسن ذريعي شاعر جيڪي ڪجهه محسوس ڪندا آهن، ان جو خاڪو پنهنجي دماغ ۾ جوڙي، ان جوڙيل خاڪي جي آڌار تي تصوراتي يا خيالن جي دنيا ۾ ان کي ڳوهي، ان خيال يا تصور جي لفظي تصوير پيش ڪندا آهن، جنهن کي ادبي زبان ۾ عڪس چيو ويندو آهي، جڏهن ته عڪس پيش ڪرڻ جي عمل کي عڪسيت يا عڪس نگاري به چيو ويندو آهي.

ٻين ٻولين جي شاعرن جيان ڪيترن ئي سنڌي شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف قسمن جا عڪس پيش ڪيا آهن، ان ڏس ۾ جديد ٿهيءَ جا شاعر منفرد عڪسيت ذريعي سنڌي شاعريءَ کي خوبصورت عڪسن ذريعي سنواري ۽ سينگاري رهيا آهن. ان لحاظ کان ساحر راهوءَ کي هڪ عڪاس شاعر جي طور تي سڃاتو وڃي ٿو. شاعريءَ ۾ساحر راهوءَ مختلف حِسن ذريعي حاصل ٿيندڙ ڄاڻ تخيل جي دنيا ۾ يڪجا ڪري، ان کي لفظي تصويرن سان سينگاري، هڪ الڳ ڪائنات

پنهنجي شاعريءَ ۾ جوڙي آهي جيڪا انتهائي خوبصورت آهي.

رومانوي عڪسيت بابت ڪجھ لکڻ کان اڳ عڪس لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم معلوم ڪرڻ گھرجي.

## 'عڪس' جي معنيٰ ۽ مفهوم:

عڪس لفظ جي معنيٰ جامع سنڌي لغات ۾ هن طرح ڏنل آهي:

عَڪسَ ج عَڪسَ: ذ (ع. عَڪسَ = هن اونڌو ڪيو) اُبتو ڪرڻ جي حالت- اُتَّلَ - اُلَٽَ- پاڻيءَ يا آرسيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي نظر ايندڙ شڪل. تصوير- مورت- شبيھ- سُرُوپُ. اُس ۾ ٿيل پاڇو- پاڇولو- سايہ- پرڇائين- ڇايا- اولڙو- ترڪو- پَرْتَو- روشنائي. دُشمني- وير- بد خواهي. خصومت- ڪِيْنو- بُغضُ.[1]

ان ڏس ۾ مختلف عالمن جا عڪس جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت رايا مطالعي هيٺ آڻڻ انتهائي ضروري آهن، جيئن عڪس کي جوڳيءَ ريت سمجھڻ ۾ آساني ٿئي.

تاج جوئي پنهنجي ڪتاب 'نيڻ مهتي خيال جاڳيا' ۾ شامل مضمون 'جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اهڃاڻ ۽ عڪس' ۾ مختلف يورپي عالمن پاران بيان ڪيل عڪس جي وصف جنهن ريت پيش ڪئي آهي اچو تہ ان جي روشنيءَ ۾ عڪس جي وصف کي پرکيون:

آئيسڪس ( Isacs): "عڪس اُها شيءِ آهي، جا ذهني ۽ جذباتي (Emotional & Intellectual) احساس (Complex) کي ڪنهن خاص مقرر ڪيل وقت ۾ پيش ڪري."

وليم (William) ۽ اسٽين مين (Steinman): "عڪس هڪ اهڙو اظهار آهي، جنهن سان پڙهندڙ جي دل ۾ هڪ ذهني خاڪو پيدا ڪري سگھجي ٿو."

ازرا پائونڊ: " عڪس اهڙي لفظي سرشتي جو نالو آهي، جيڪو جذبات ۽ ذهني واردات جي گڏيل ڪيفيتن کي ڪنهن خاص ۽ مقرر وقت ۾ پيش ڪري."

شپلي (J.I.Shipley): "عڪس ڪنهن شيءِ جي ٻاهرئين مشاهدي (Sensual Experience) کي اصل ذهني ڪيفيت (Sign) يا لفظن جي باطن جي ويجهو وڃي وٺي ٿو."[2]





ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب 'شاهہ لطيف جي شاعري' ۾ موجود مقالي 'لطيف جي عڪسي شاعري' ۾ عڪس ۽ عڪسي شاعريءَ لاءِ لکي ٿو تہ "عڪس ان (حِسن وسيلي) حاصل ڪيل معلومات کي وري جاڳائڻ يا پيدا ڪرڻ جو نالو آهي. هونءَ تہ ڪي ئي واقعا ۽ نظارا اسان جي لا شعور ۾ موجود آهن، پر انهن کي ٻيهر ياد ڏيارڻ يا ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نالو 'عڪسي شاعري' آهي."[3]

ڊاڪٽر تنوير عباسي عڪسن جي پيش ڪش لاءِ لکي ٿو تہ "شاعريءَ ۾ ڪنهن بہ شيءِ جي عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اها انهن مان ڪنهن بہ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ يا مڙني حواسن جي ڏنل معلومات کي وري تصوراتي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي."[4]

ڊاڪٽر تنوير عباسي فرانسيسي نقاد ۽ شاعر جولس سپر وائيل جي حوالي سان لکيو آهي تہ "عڪس هڪ جادوءَ جي بتي آهي، جيڪا شاعر کي اونداهہ ۾ روشني تي ڏئي."[5]

مٿي ذڪر هيٺ آيل لغت ۾ ڏنل معنائن ۽ مختلف عالمن پاران عڪس جي وصفن جي آڌار تي عڪس جي معنيٰ جو وچور هن ريت بيان ڪري سگھجي ٿو تہ: لفظن جي اهڙي جوڙجڪ، جنهن سان هيڪر ڏٺل منظرن کي اهڙيءَ ريت ٻيهر پيش ڪيو وڃي، جو پڙهندڙ پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ انهن اڳ ڏٺل منظرن جو ورجاءُ ٿيندو محسوس ڪري. مختلف عالمن عڪسي شاعريءَ جا ٻارنهن قسم ڄاڻايا آهن، جيڪي آهن: بصري يا ڏسڻ جا عڪس، ٻڌڻ جا عڪس، غير متحرڪ عڪس، متحرڪ عڪس، سنگھڻ جا عڪس، ذائقي جا عڪس، ڇهڻ جا عڪس، حرارتي (ٿڌي گرم جو تاثر ڏيندڙ عڪس)، رنگين عڪس، حواسن کي لطف ڏيندڙ عڪس، انتقالي مشاهدي وارا عڪس، گھڻ-پارا عڪس.

عالمن پاران ڄاڻايل عڪسن جي صورتن يا قسمن ۾، رومانوي عڪس يا رومانوي عڪسيت کي بہ شامل ڪري سگھجي ٿو، چو تہ شاعريءَ ۾ خوبصورتي ۽ نکار آڻڻ لاءِ، جتي ٻين عڪس جو هجڻ ضروري آهي، اُتي رومانوي عڪس پڻ شاعريءَ ۾ سندرتا جو باعث هوندا آهن. جيئن تہ رومانوي عڪسيت تي منهنجي مطالعي مطابق اڳ ۾ لکيو ناهي ويو، ان ڪري ان بابت لکڻ جي ضرورت محسوس

ٿي. ٻي ڳالهہ تہ رومانويت ۽ عکسيت کي ٻن ڌار تحريڪن جي تناظر ۾ ڏسڻ نہ گهرجي، ڇوتہ هتي رومانوي عکسيت کي ميڊيا طور استعمال ڪيو ويو آهي. جديد ٿهيءَ جي ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ ساحر راهو پنهنجي شاعريءَ ۾ ٻين عکسن سان گڏوگڏ رومانوي عکس وڌيڪ سهڻائيءَ سان پيش ڪيا آهن.

## رومانويت:

ان کان اڳ جو ساحر راهو جي شاعريءَ ۾ رومانوي عکسيت جي پهلوءَ متعلق وڌيڪ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪجي، اهو ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهي تہ رومانويت جي معنيٰ ۽ مفهوم ڇا آهي.

ڊاڪٽر نور افروز خواجہ پنهنجي ڪتاب 'ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر' ۾ رومانيت بابت لکي ٿي تہ ”رومانيت، اديب جي حسنِ نظر جو ڪرشمو آهي. اها دلي ڪيفيت ٿي آهي، جيڪا رومانوي رنگ پيدا ڪري ٿي.“[٦]

ڊاڪٽر غفور ميمڻ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ادب جو فڪري پس منظر' ۾ رومانويت بابت لکي ٿو تہ ”رومانويت انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شيءِ جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي.“[٧]

## رومانوي عکسيت:

مٿي عکس جي معنيٰ مختلف عالمن جي نظر ۾ بيان ڪئي وئي آهي، ڊاڪٽر نور افروز خواجہ ۽ ڊاڪٽر غفور ميمڻ پاران بيان ڪيل رومانيت/رومانويت جي مفهوم کي نظر ۾ رکندي، رومانوي عکس جي معنيٰ هن طرح ڪري سگهجي ٿي تہ فطرت جا حسين نظارا، جماليات، وصل، وڇوڙو، انتظار، اميد ۽ المياتي عکس تصوراتي دنيا ۾ يڪجا ڪري يا جوڙي، وري ٻيهر انهن کي لفظي تصويرن جي صورت ۾ جوڙڻ يا پيدا ڪرڻ، جيئن راوي لفظن جي ڪائنات ۾ جهاتي پائڻ سان، پنهنجي ذهن جي اسڪرين يا آرسيءَ ۾ انهن کي عکسن جي صورت ۾ محسوس ڪري، يا انهن جو تصوراتي دنيا ۾ ورجاءُ ٿيندو محسوس ڪري. شاعريءَ ۾ موجود اهڙن ئي عکسن کي





رومانوي عکسي شاعري يا شاعريءَ ۾ رومانوي عکسيت، جي معنيٰ ۾ وٺي سگهجي ٿو.

## ساحر راهوءَ جي شاعريءَ ۾ رومانوي عکسيت:

ساحر راهو پنهنجي ٿهيءَ جي صاحبِ ڪتاب شاعرن مان سيني کان الڳ پنهنجو اسلوب (Diction) رکندڙ ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف حواسن سان محسوس ٿيندڙ سيني عکسن کي انتهائي سهڻي نموني پيش ڪرڻ جو ڏانءُ رکندڙ شاعر آهي، سندس هن وقت تائين ڇپجندڙ ڇهن ڪتابن خواب ڪٽوري چنڊ، سانوري شام، نيڻ سجدي ۾، خوابن جي خودڪشين کان پوءِ، *وہ ہی پت جھڑ ہے آنکھوں میں*(اردو شاعري) ۽ دل جي ڳلي، ۾ پيش ڪيل رومانوي عکسيت جو زيبائتو انداز پسي سگهجي ٿو.

هن مقالي جو اصل موضوع جيئن تہ ساحر راهو جي شاعريءَ ۾ رومانوي عکسيت آهي، تنهنڪري ڏسجي تہ ساحر راهو مطالعي هيٺ آندل ڪتابن ۾ موجود پنهنجي شاعريءَ ۾ رومانوي عکسيت جي ڪهڙي زيبائتي نموني چٽسالي ڪئي آهي.

سڀ کان پهريان ساحر راهوءَ جي ڪتاب 'سانوري شام' کي مطالعي هيٺ آڻجي ٿو. جيئن:

پايل جي جهنڪار پڪاريئي، ڪويل جي ڪوڪار سڏيئي،
پوءِ بہ هليو وئين، ٻوڙن وانگر، ٻاٻيهن جا ٻول ٽُڏي. (ص.١٩)

عکس نگاري ۾ خوبصورت احساسن جو سنگم نہ صرف شاعريءَ ۾ وڌيڪ نکار ۽ سُندرتا جو باعث بڻجي ٿو، بلڪ شاعريءَ ۾ وشالتا بہ پيدا ٿئي ٿي. مٿين سٽن ۾ رومانوي عکسيت جو خوبصورت جزاءُ پي منفرد حيثيت جو حامل آهي. پايل جي جهنڪار جي پُڪار جو عکس، ڪويل جي ڪوڪار جي سڏڻ جو عکس، ٻاٻيهن جي ٻولن جو عکس، لاپرواهيءَ سان هليو وڃڻ جو عکس، پڙهندڙ جي دماغ جي تصوراتي دنيا ۾ انتهائي خوبصورت ۽ شاندار عکس جوڙي يا پيدا ڪري ٿو. پڙهندڙ جي تصوراتي دنيا ۾ هڪ اهڙو عکس اُڀري اچي ٿو، جنهن ۾ هو محبوبا جي پايل جي

جهنڪار ۾ سڪ جو سنديس، ڪويل جي مڌر آلاپ ۾ رس ڀري نيند، ٻاپيهن جا بانسريءَ جي آواز جهڙا آلاپ، اهڙي سڪ ڀري سنسار کي ڇڏي ويندڙ پاوَنائن کان خالي ڪنور شخص جو عڪس نروار ٿيندي محسوس ڪري ٿو. رومانوي عڪسيت جو انتهائي دلفريب ۽ زيبائتو فن مٿين سٽن ۾ چٽڻ ۾ ساحر ڪامياب ويو آهي. جيئن:

نڪور موسم جا خواب پوکيا، اسان ها نيڻن جي بر پٽن ۾،

مگر جو موسم ٽڙي نه هرڪا، ڪلي ڪلي تي حجاب وئي آ. (ص.٢٧)

رومانوي عڪسيت جو اهڙو خوبصورت فن ڪنهن ڪنهن شاعر جي نصيب ۾ ايندو آهي، ساحر راهو پنهنجي ٿهيءَ جي انهن تمام ٿورڙن شاعرن مان آهي، جنهن تي ڏات سانوڻ جي وسڪار جيان سدائين مهربان رهندي آهي. مٿين سٽن پڙهندي رومان جا انمول عڪس ذهن جي تصوراتي دنيا ۾ ٻيهر تخليق ٿين ٿا. نيڻن جي برپٽن جا عڪس، نڪور موسم ۾ خواب پوکڻ جا عڪس، انتظار کان پوءِ موسم جي ٽڙڻ جا عڪس، ڪلين جي حجاب جا عڪس، اهي سڀ الڳ عڪس يڪجا ٿي رومانوي عڪسيت جو اهڙو مظهر بڻجي وڃن ٿا جو پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ جماليات ۽ انتظار جي امتزاج سان ڪو اڳ ڏٺل عڪس ٻيهر پيدا ٿي پوي ٿو ۽ پڙهندڙ ان سحر مان پاڻ کي آجو ٿيندي محسوس نه ٿو ڪري سگهي. جيئن:

پنهونءَ جي پيار ۾ پاڳل، سسئي نڪتي جبل جهاڳڻ،

نه وَڃُ اوڪو اٿئي هاڙهو، سين سرتين پُڪاريو هو. (ص:٣٥)

ساحر راهو سنڌ جي رومانوي داستان 'سسئي پنهون' جو پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي نه زيبائتي نموني سان وستار ڪيو آهي، جو پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ پنهونءَ جي پيار ۾ پاڳل سسئيءَ جو عڪس، جبلن جو اڻ جهاڳ اذيتناڪ پنڌ، ڪانءُ جي اک ڪيندڙ سخت هاڙهي جو عڪس، سرتين پاران واپسي ۽ مڙي وڃڻ لاءِ سڏن يا ايلازن جو عڪس اُڀري اچي ٿو. پڙهندڙ سٽن کي پڙهندي پاڻ کي سسئيءَ سان گڏ هاڙهي ۾ جبل جهاڳيندي محسوس ڪري ٿو ۽ سسئيءَ جي پاڳلپڻي ۽ سرتين جي سمجهاڻ جي وارتا اکين اڳيان ٻيهر عڪس جي صورت ۾ تخليق ٿيندي محسوس ڪري ٿو. جيئن:

اپيچند جي اکين ۾ ٿيون عبادت جون حدون پوريون،





ڪليسا گهر پرينءَ جو ۽ پرينِ جو پار ڪعبو آ. (ص: ٥٠)

ڏات سان گڏ جڏهن ڏانءُ به ڪمال درجي تائين ڪنهن شاعر جي نصيب ۾ اچي وڃي ته پوءِ سندس شاعري ڪاريگريءَ جو مظهر بڻجي پوندي آهي. ساحر جي ڀاڱن ۾ به ڏات سان گڏ ڏانءُ ڪمال درجي تي پهتل آهي. مٿيون سٽون سندس ڏانءُ جي ڪمال درجي جي عڪاسي ڪن ٿيون. پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ اپيچند جي اکين جو عڪس، اپيچند جي اکين ۾ موجود ڪليسا جو عڪس، اپيچند جي اکين ۾ موجود ڪعبي جو عڪس اُڀري اچي ٿو. مٿيون سٽون رومانوي عڪسيت جو ڪمال درجي جو مثال آهن، جيڪي پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ اهڙو نه عڪس ٻيهر پيدا ڪن ٿيون جو پڙهندڙ چڻ اڳ ڏٺل عڪس جو ورجاءُ ٿيندي محسوس ڪري ٿو.

ساحر جي ڪتاب 'خواب ڪٽوري چنڊ' مان ڪجھ شعر مطالعي لاءِ پيش ڪجن ٿا جيئن هن ڪتاب ۾ پڻ ساحر راهوءَ جي رومانوي عڪسيت جي پيشڪش جي ڪاريگريءَ جي پرک ڪري سگهجي. جيئن:

واريءَ تي ٿو ليڪا پايان، جڏهين بي خبريءَ ۾ "ساحر"!

واريءَ تي ڀي اُڀري تنهنجا روپ ۽ نقشا گهورن ٿا. (ص: ٦٩)

شاعري شعور جي اها خوبصورت اک آهي، جنهن سان شاعر تصوراتي ڪائنات مان خيالن جا موتي ميڙي، لفظن جي اهڙي نه زيبائتي عڪس نگاري ڪري ٿو، جو پڙهندڙ پاڻ کي ان خوبصورت ڪائنات کان الڳ رکڻ جي سگهه ساري نه ٿو سگهي. اهڙي ئي پر ڪَيفُ عڪس نگاري ساحر راهوءَ پنهنجن مٿين سٽن ۾ ڪئي آهي، واريءَ تي بي خبريءَ ۾ ليڪا پائڻ جو عڪس، واريءَ تي محبوب جي روپ ۽ نقشن جي گهورن جو عڪس، ٻئي عڪس هڪ ٻئي ۾ سمائجي اهڙو نه احساساتي عڪس پيدا ڪن ٿا، جو پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات جا پاند آجا ڪرائڻ ۾ قطعي ڪامياب ٿي نه ٿو سگهي. جيئن:

سمنڊ ڪناري ڪوئي پنهنجيون وکريل سوچون ميڙي ٿو پيو،

وقت جي ٻيڙي ٻوڙون پائي، دور افق جي پار وڃي ٿي. (ص: ٩٥)

شاعر جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات، مصور جي هٿن ۾ موجود رنگن ۽ برش جي ميلاپ جي ڪري پيدا ٿيل، ڪنهن حسين تصوير کان الاهي مٿاهين پد پهتل نظر ايندي آهي. رنگن مان جنم وٺندڙ ڪائي سندر تصوير، مصور جي هٿن مان چٽيل ٽڪ جي سحر سان، ڏسندڙ جي اکين کي وضو جهڙي ٿڌاڻ جو احساس ته ڏياريندي آهي، پر خيالن جي خُدائيءَ مان فطرت جا سڀ رنگ ميڙي چونڊي لفظن جي صورت ۾ عڪس پيدا ڪري، روح جي گهرائي تائين سڪون جي لهرن جا سيسراٽ پيدا ڪندڙ شاعر ساحر راهو ئي ٿي سگهي ٿو. جنهن جي مٿين سٽن ۾ سمنڊ جي ڪناري جو عڪس، وڪريل سوچون ميڙيندڙ شخص جو عڪس، وقت جي ڊوڙون پائي اُفق جي پار ويندڙ ٻيڙيءَ جو عڪس، سمورا عڪس يڪجا ٿي پڙهندڙ کي پاڻ ۾ سمائي سندس ذهن جي تصوراتي ڪائنات کي ٻيهر پيدا ٿيندڙ عڪسن سان اهڙو ته جوڙي رکن ٿا جو پڙهندڙ پاڻ کي عڪس نگاريءَ جي ان خوبصورت ڪاريگريءَ تي رشڪ ڪندي ۽ تڙپندي محسوس ڪري ٿو. جيئن:

تو مرڪن سان گڏ لڙڪن جي ڪئي پيوند ڪاري نيٽن ۾

مان نيٽن سان ئي چونڊيان ٿوسپ لفظ اوهان جي باتن جا. (ص: ١١٢)

شاعريءَ ۾ جمال جو ڪمال جي حد تائين موجود هجڻ شاعر جي بصيرت ۽ مشاهدي جو عڪاس ٿيندو آهي. مٿين سٽن ۾ ساحر راهوءَ جماليات جي لفظن جي روپ ۾ جيڪا عڪس نگاري ڪئي آهي، تنهن کان پڙهندڙ چيچ چڏائڻ جي ڪوشش جي همت به ساري نه ٿو سگهي. مرڪن سان گڏ لڙڪن جي نيٽن ۾ پيوند ڪاري جو عڪس، نيٽن سان باتن جا لفظ چونڊڻ جو عڪس، اهو هڪ اهڙي خوبصورت عڪس نگاريءَ جو نمونو آهي، جنهن جي استعمال جو ڪمال ساحر راهوءَ جي شاعريءَ ۾ وڌيڪ زيبائتي انداز سان ٿيل آهي.

ساحر راهوءَ جي ڪتاب 'نيڻ سجدي ۾' مان سندس چند شعر رومانوي عڪسيت جي پس منظر ۾ مطالعي لاءِ هيٺ ڏجن ٿا. جيئن:

مان شُهرتن جا آڪاس پايان ۽ نانءُ پهچي ولايتن ۾،

وِشالتن کي ڇُهي به تنهنجو ڪوي آ توبن ڪنگال ڊوليا. (ص: ٣١)





ڪڏهن ڪڏهن سڀ ڪجهه هوندي به ماڻهو پاڻ کي وياڪلتا جي رڻ ۾ پٽڪندي محسوس ڪندو آهي، توڙي جو شُهرت جي آڪاش تي سندس نانءُ قطب تاري جيان پنهنجي الڳ سونهن ۽ سڃاڻپ رکندو آهي، پر تڏهن به ڊولئي بنا پاڻ کي ڪنگالپڻي جي دنيا جو اڻوٽ حصو پيو پائيندو آهي، اهڙا ئي من لُڀائيندڙ عڪس ساحر راهو پنهنجي مٿين سٽن ۾ ڪيڏي نه زيبائتي نموني لفظن جي عڪسي صورت ۾ پيوند ڪيا آهن. شُهرتن جي آڪاس پائڻ جا عڪس، نانءُ جي ولايتن ۾ پهچڻ جا عڪس، وشالتن کي ڇهڻ جا عڪس، ڊولئي بنا ڪنگالپڻي جا عڪس، سڀني عڪسن کي يڪجا ڪري ساحر راهو لفظن جي صورت ۾ اهڙي ته شاندار عڪس نگاري ڪئي آهي جو پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ حيرت جو اهڙو طوفان برپا ٿئي ٿو، جو پڙهندڙ خيال نگر ۾ پيدا ٿيندڙ عڪسن کي پاڻ سان اڳ ٿيل وارتائن جي روداد جي ورجاءُ کان آجي ٿيڻ کان نابري واري ڇڏي ٿو، اهوئي ساحر راهوءَ جي ڪاريگريءَ جو ڪمال آهي. جيئن:

هي فجر جي ننڊ جهڙي ڪير آهي اپسرا
منهنجي خيالن جي گذر ۾ گل پساري ڪير ٿي. (ص: ٣٩)

باک ڦُٽي ويلا به، قدرت جي فطرتي عڪس نگاريءَ جو شاهڪار آهي. اکين ۾ سموريءَ رات جا ٽڪ پاڻ ۾ سمائي ننڊ-ديوي پسار ڪرڻ جا سانباها مس ڪندي آهي ته فطرت جا جسم ۾ سياندڙا پيدا ڪندڙ آلاپ، ماکيءَ جهڙي ننڊ کي ڪتڪتاين جا احساس ارپي، خوشبوئن جي واسنائون جي احساس جيان روح جي تهن تائين لهندي محسوس ٿيندا آهن. اهڙا ئي دلڪش عڪس ساحر راهو مٿين سٽن ۾ پيدا ڪرڻ يا جوڙڻ ۾ ڪمال جي ڪاريگريءَ جو مثال پيش ڪيو آهي. فجر جي ننڊ جهڙي اپسرا جوعڪس، خيالن جي گذر ۾ گل پسارٽيندڙ اپسرا جو عڪس، رومانوي عڪسيت جي انتهائي زيبائتي پيشڪش آهن، جنهن جو ڏانءُ ساحر راهوءَ جي شاعريءَ جو پد ڄاڻائڻ سان گڏوگڏ پڙهندڙ تي عجيب سحر طاري ڪري ڇڏي ٿو ۽ پڙهندڙ پاڻ سان ٿيندڙ وارتائن جي ورجاءُ ۾ پاڻ کي وڃائجندو محسوس ڪري ٿو. جيئن:

نه ئي مورن ٿهوڪا سي، نه ئي سي ڊيل جون ڊوڙون،

اڙي محبوب ٽر تو وٽ ته ڳائڻ لئه رهيو ڇاهي. (ص: ٤١)

اُني ڪان پوءِ ٿر ۾ ٿيندڙ ساوڪ جي فطرتي ڇٽسالي جتي ٿر جي سونهن وڌائڻ ۾ سورهن سينگارن جيان ڪارگر ثابت ٿيندي آهي، اُتي مورن جا ٿهوڪا، اندلٺي رقص ۽ ڍيل جون امالڪ پُر مُسرت ڊوڙون، ٿر جي سونهن ۾ هاڪاري وڌيڪ اضافو ڪرڻ جو فطرتي سبب هوندا آهن. مٿين عڪسن ڪي ٿر ڪان الڳ رکڻ جي سوچ جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پيدا ٿيڻ جو احساس پيي ٿر ڪي رُڃ جو اٽڪٽ سمونڊ ارپي ڇڏيندو آهي. اهڙا ئي احساساتي عڪس لفظن جي عڪسي صورتگري ڪندي ساحر راهو مٿين سٽن ۾ پيش ڪيا آهن. مورن جي ٿهوڪن جي اٽاٽ جا عڪس، ڍيل جي ڊوڙن جي اٿهوند جا عڪس، ٿر جي محبوب هجڻ جا عڪس، انهن عڪسن جي غيرموجودگيءَ ۾ ڳائڻ لاءِ ڪجھ نہ هجڻ جا احساساتي عڪس، پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ ٿر جي خوبصورت پسمنظر جي عڪسن پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ ٿر جي فطرتي سونهن وڃائجڻ جي سببن جا عڪس پڻ اپري اچن ٿا. جيئن:

اُچا شملا پهاڙن جا، ڪپر جي پيچ جهڙا گس،

نمونو سنگ تراشيءَ جو، مصور جي خُدائي ڏس. (ص: ٤٦)

عڪس نگاريءَ جو ڏانءُ پيي ڏات جيان ڪنهن ڪنهن ڀاڳوند جي ذهن جي ڪائنات جو اٽوٽ انگ بڻجندو آهي، اهڙو ئي ڀاڳوند شاعر ساحر راهو بہ آهي، جنهن جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات زرخيز هجڻ سان گڏوگڏ خود ۾ وشالتا جي لامحدوديت پاڻ ۾ سمائڻ جي سگھ رکي ٿي. مٿين سٽن ۾ پهاڙن جي اُچن شملن جا عڪس، ڪپر جي پيچ جهڙن گسن جاعڪس، سنگتراشيءَ جا عڪس، مصور جي خُدائيءَ جا عڪس، پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ انهن خوبصورت عڪسن جي پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ انهن عڪسن جو پنهنجي وارتا جي روپ ۾ ورجاءُ ٿيندو محسوس ڪري ٿو. جيئن:

صبوح جهڙين اکين ۾ ڪهڙي جلاد اوتي ڇڏي آ زردي،

غزالي نيڻن ۾ لُڙڪ موتيا نہ ڄاڻ ڪهڙي قهار پويا. (ص: ٦١)

شاعري فطرت جي سونهن جي راڳ جو اهو آلاپ آهي، جيڪو پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ جُڙندڙ نفيس عڪسن سان گڏوگڏ سندس روح ۾ لهي





وڃڻ جي شڪتي بہ رکي ٿو. اهڙا ئي سحر انگيز عڪس ساحر راهوءَ پڻ مٿين سٽن ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. صبوح جهڙين اکين جا عڪس، زردي اوتيندڙ جلاد جا عڪس، غزالي نيڻن جا عڪس، لُڙڪن جا موتيا پوئيندڙ قهار جا عڪس، سمورا عڪس يڪجا ٿي پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ حيرت انگيز جُڙندڙ ۽ ورجائجندڙ احساساتي عڪس لفظن جي عڪسي صورت ۾ اُڀري اچن ٿا. جيئن:

گهڙي ڪن ڳاءِ او گوري، پريل گهاگهر ڪي ڇُلڪڻ ڏي،

جي ڇوڙيئي پير مان پايل، اکيون آلاڻ ٿي وينديون. (ص: ٨٨)

شاعر جي تصوراتي ڪائنات اندلٺ جي رنگن جهڙي رنگين ٿيندي آهي. شاعر تصور ۾ پيدا ٿيندڙ رنگين عڪسن جي لفظن جي صورت ۾ اهڙي تہ خوبصورت عڪس نگاري ڪندو آهي جو پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ريشمي ڌاڳن جيان الجهي پوندي آهي جو پڙهندڙ هر عڪس ۾ وارتا جو ورجاءُ ٿيندو محسوس ڪندو آهي. مٿين سٽن ۾ بہ ساحر راهوءَ اهڙي ئي عڪس نگاري ڪئي آهي، جو پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ گوريءَ جي ڳائڻ جو عڪس، پريل گهاگهر جي ڇُلڪڻ جو عڪس، پيرن مان پايل جي ڇوڙڻ جو عڪس، اکين ۾ آلاڻ ٿي وڃڻ جو عڪس پيدا ٿيندي ۽ ورجائجندي محسوس ڪري ٿو.

ساحر راهوءَ جي ڪتاب ’خوابن جي خودڪشين ڪانپوءِ‘ مان رومانوي عڪسيت جي پيشڪش جو فنِ جاچڻ لاءِ چند شعر مطالعي هيٺ آڻجن ٿا. جيئن:

هاءِ پهاڙي وينگس جنهن جا، ڪاڪل جهڙا ڪويل رنگ،

اُچلي آ نيهار جو پٿر، مون ڪي وئي سنگسار ڪري. (ص: ٢٧)

شاعري احساسن جي رنگ منچ تي لفظن جي رقص جو مظهر آهي. شاعري خود ۾ وشال ڪائنات جو وجود رکي ٿي، جنهن جا اندلٺي رنگ لفظن جي رنگين عڪس نگاريءَ جو شاهڪار ٿين ٿا. ساحر راهو اهڙن ئي رنگين احساسن جو عڪاس شاعر آهي. سندس مٿين سٽن ۾ پهاڙي وينگس جو عڪس، ڪويل جي رنگ جهڙن ڪاڪلن جو عڪس، نهار جي پٿر جو عڪس، سنگساريءَ جو عڪس، اهڙن خوبصورت عڪسن جو امتزاج مٿين سٽن جيان سندس شاعري ۾ لاتعداد جڳهين تي

ملي ٿو. جيئن:

هي منهنجي ڪتبي ۾ نيڻ تاڪي، اُداس بيٺي آ ڪير وينگس،

پڪاريو ڪنهن آ اکين اکين ۾، ٻه لڙڪ آلا هي ڪنهن وهايا. (ص: ٣٣)

ساحر راهو جي تصوراتي ڪائنات ۾ عڪسن جي جُڙڻ جو ڍنگ ٻه نرالو آهي ته انهن جي لفظن جي صورت ۾ عڪس نگاري ٻه پنهنجي نوعيت جي ۽ انوکي آهي. مٿين سٽن ۾ کهڙي نه زيبائتي نموني عڪسن جي چٽسالي ٿيل آهي. ڪتبي ۾ نيڻ تاڪي اداس بيٺل وينگس جو عڪس، اکين اکين ۾ پڪارينڊڙ ۽ آلا لڙڪ وهائيندڙ جو عڪس، رومانوي عڪسيت جو هي ڪمال درجي جو مثال آهي.

ساحر راهوءَ جي اردو ۾ ڇپيل شاعريءَ ڪتاب ' وہ ہی پت جھڑ ہے آنکھوں میں' مان ڪجھ شعر رومانوي عڪسيت جي حوالي سان مطالعي لاءِ هيٺ ڏجن ٿا. جيئن:

نظر سے چومتی ہے وہ میرے قدموں کی آہٹ کو،

مگر وہ موم سی گڑیا قریب آنے سے ڈرتی ہے۔(ص:13)

نظرن سان قدمن جي آهٽ کي چمڻ جو عڪس، ميڻ جهڙي گڏيءَ جو ويجهي اچڻ کان ڊڄڻ جو عڪس، ساحر راهو جي عڪس نگاريءَ جي ڏانءُ جو زيبائتو نمونو پيش ڪري ٿو. ساحر راهوءَ جون مٿيون سٽون رومانوي عڪسيت جو اعليٰ پد پاڻ ۾ سمائڻ جي سگھ رکن ٿيون. جيئن:

میری سانسیں تھکن سے بوجھل ہیں،

اپنے ہونٹوں کے پل سہانے دہ۔(ص: ١٩)

ڪا ٻه ٻولي، شاعريءَ لاءِ ڪنهن ٻه سرحد جو تعين ڪري نه ٿي سگھي، ڇوته شاعريءَ کي پنهنجي زبان، دين ۽ ڌرم ٿئي ٿو، جنهن جي نفاست جي وهڪري ۾ ڪٽرپڻي جي سموري دز ڌوپي ويندي آهي. ساحر راهو جي مٿين سٽن ۾ ساهن جي ٿڪاوٽ جي ڪري ڇُور هجڻ جو عڪس، چپن جي سهانن پلن جو عڪس، اهڙي ته زيبائتي انداز سان پيش ٿيل آهي جو پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ پاڻ سان ٿيل وارتا جو عڪس پيدا ٿيندي ۽ ان عڪس جو ورجاءُ ٿيندي





محسوس ڪري ٿو.

ساحر راهوءَ جي ڪتاب 'دل جي ڳلي' مان ڪجھ شعر رومانوي عڪسيت جي پس منظر ۾ مطالعي لاءِ هيٺ ڏجن ٿا. جيئن:

صليب آهي هر گهڙي، اڪيلتا جو اوج آ،

قريب ناهين ڪامڻي، سفاڪ آهِ سڀ جهان. (ص: ١٧)

شاعري دل جي ڌڙڪن جو نفيس آلاپ آهي، جنهن کي شاعر خيالن جي مٽيءَ مان ڳوهي، لفظن جو لباس اوڍائي زيبائتو بنائي پيش ڪندا آهن. ساحر راهو ٻه اهڙو ئي باڪمال شاعر آهي، جيڪو خيالن جي مٽيءَ مان دل جي ڌڙڪن جي نفيس آلاپ کي ڳوهي، لفظن جو حسين لباس اوڍائي پيش ڪرڻ جي فن ۾ مهارت رکي ٿو. مٿين سٽن ۾ هر گهڙي صليب هجڻ جو عڪس، اڪيلتا جي اوج جو عڪس، ڪامڻيءَ جي دوري جي ڪري جهان جي سفاڪ هجڻ جو عڪس، سيني عڪسن جي پيشڪش اهڙي ته زيبائتي آهي، جو پڙهندڙ پاڻ کي انهن سٽن پس جي منظر ۾ موجود پائيندي پنهنجي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ وارتا جا عڪس جُڙندي ۽ انهن جو ورجاءُ ٿيندو محسوس ڪري ٿو. جيئن:

وصل جي وارتا ڪڏهين اسان سان ٿي نه جيون ۾،

جُدائين مان جُدائين جا، هميشه پيچرا نِڪتا. (ص: ٣٢)

ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ خيالن جي خُدائي کي يڪجا ڪري، انهن مان عڪس جوڙي، انهن عڪسن جي لفظي صورتگري ڪرڻ جو زيبائتو ڏانءُ تمام ٿورن شاعرن جي ذات مان لياڪا پائيندي نظر ايندو آهي. ساحر راهو انهن ذات ڏٽين جي سرواڻي جو تاج پائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. جنهن جي جهلڪ سندس سموري شاعريءَ ۾ هنڌين ماڳين موجود نظر اچي ٿي. جيون ۾ ڪڏهين ٻه وصل جي وارتا نه ماڻڻ جا عڪس، جُدائيءَ مان جُدائي جا پيچرا نڪرڻ جاعڪس، رومانوي عڪسيت جو خوبصورت مثال آهن. جيئن:

هي عبادت آ اکين جي، تنهنجي ڇهري کي چُمڻ،

سُونهن تُنهنجي جڳ مُصور، جي هٿن جو مُعجزو. (ص: ٩١)

ساحر راهوءَ مٿين سٽن ۾ پنهنجي ڏانءُ جو مظاهرو ڪهڙي نہ سهڻي ريت ڪيو آهي. محبوب جي چهري کي چمڻ اکين جي عبادت هجڻ جو عڪس، محبوب جي سونهن جڳ مصور جي هٿن جو معجزو هجڻ جو عڪس، پڙهندڙ جي ذهن جي تصوراتي ڪائنات ۾ اهڙا خوبصورت عڪس پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي ورجاءُ جي احساس پيدا ڪرڻ جو ڏانءُ ساحر راهو جهڙي شاعر جي عڪس نگار شاعر طور سڃاڻپ جو مضبوط دليل آهي.

## نتيجو/ حاصل مطلب :

- لفظن جي اهڙي جوڙجڪ جنهن سان هڪ پيري ڏٺل منظرن کي اهڙيءَ ريت ٻيهر پيش ڪيو وڃي جو پڙهندڙ پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ انهن اڳ ڏٺل منظرن جو ورجاءُ ٿيندو محسوس ڪري ان کي عڪس چئجي ٿو.
- فطرت جي حسين نظارن، جماليات، وصل، وڇوڙي، انتظار، اميد ۽ المين جي نفيس احساسن جي محسوسات کي رومانويت چئجي ٿو.
- فطرت جا حسين نظارا، جماليات، وصل، وڇوڙو، انتظار، اميد ۽ الميائي عڪس تصوراتي دنيا ۾ يڪجا ڪري يا جوڙي وري ٻيهر انهن کي لفظي تصويرن ۾ پيش ڪرڻ کي رومانوي عڪسيت چئجي ٿو.
- ساحر راهو جو شمار جديد رومانوي عڪسيت نگار شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هن جي شاعريءَ ۾ رومانوي عڪسيت جا نفيس احساس مٿاهين پد تي پهتل آهن. شاعريءَ ۾ رومانوي عڪسيت جي حوالي سان ساحر راهو جديد ٿهيءَ جي نمائندي شاعر جي حيثيت رکي ٿو.

## حوالا

١. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. ’نئين جامع سنڌي لغات‘- جلد ٻيو (چ- ڪ)- حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو- ڇاپو ٻهريون ٢٠١٥ع، ص: ١٢٩٥.

٢. جويو، تاج. ’نيڻ مهٽي خيال جاڳيا‘، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ١٩٩٣ع، ص: ٣٢.





٣. عباسي، تنوير. ’شاهه لطيف جي شاعري‘، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ٢٠١٥ع، ص: ١٥٥- ١٥٦.

٤. ساڳيو، ص: ١٥٦.

٥. ساڳيو، ص: ١٥٧.

٦. خواجه، نورافروز. ’ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر‘، ڪراچي: شيخ شوڪت علي اينڊ سنز. سال ٢٠١٠ع، ص: ٢٣٨.

٧. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر. ’سنڌي ادب جو فڪري پس منظر‘، ڪراچي: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي، ٢٠٠٢ع، ص: ٢٨٣.